# رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جو تحقيقي جائزو

## A Research view of the Stories of Rasool Bux palijo

زاهد منگي

**_Abstract:_**

*Rasool Bux Palijo owns a multi-faceted personality. He was at the same time a political leader, intellectual, critic, Latifist, essayist and story writer. Most of his stories depict resistence against dire influence of landlords in villages. The class contradiction is highlightd in his stories. Instead of being defeated, the characters of his stories always confront the unwanted circumstances. The female characters also appear as bold, brave and committed one to their national affairs. He has narrated the true political events in the shape of stories. Some of his stories state original names and surnames of characters. Palijo intruduced 'court story' first in Sindhi language, in which he described daily events and happenings of the courts. The presentation and style of his stories are simple, attractive and heartease with excellent fluency. His language is colloquial and purely rural. A big number of his stories is dialogue based. Therefore, they can easily be turned into drama. Following research, elaborate his work in the field of Sindhi short story.*

سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اديب ۽ ليکڪ آهن، جن ادب جي جنهن صنف کي ڇهيو، ان سان ڀرپور نياهه ڪندي اهڙو لکيو جڻ تہ هو ان صنف جا ئي ماهر ليکڪ هجن . اهڙن ليکڪن مان ڪجهہ جا نالا مثال طور ڏئي سگهجن ٿا. جيئن: شيخ اياز جنهن جيترو خوبصورت نظم لکيو اوترو ئي وڻندڙ نثر بہ تخليق ڪيو. سراج، نہ رڳو لسانيات ۾ تحقيق ڪري ٻولي جي بڻ بنياد تي نظريو ڏئي پاڻ مڃايو پر ناول نويسيءَ، ڪهاڻيءَ ۽ صحافت ۾ بہ بي مثال ڪم ڪيو. آغا سليم، ڪهاڻيون ۽ ناول ٻئي لاجواب تخليق ڪيا. اهڙن ئي گهڻ طرفي ليکڪن ۾ هڪ نالو رسول بخش پليجي جو بہ آهي. جنهن سياسي، تنقيدي ۽ تخليقي ادب ۾ تمام شاندار ۽ نمايان لکڻيون سرجيون جن جو پنهنجي دور تي تمام گهڻو گهرو اثر پيو. رسول بخش پليجي نہ رڳو مٿيون ڪم ڪيو پر سنڌي ادب ۾ جيڪا ترقي پسند ادبي تحريڪ هلي، ان ۾ بہ هن جو اهم ڪردار رهيو.

رسول بخش پليجي نہ رڳو پاڻ ترقي پسند ادب تخليق ڪيو پر هڪ سپهہ سالار جيان ترقي پسند تحريڪ جي قافلي جي بہ اڳواڻي ڪئي. هن پنهنجي قلم کان تلوار جو ڪم وٺندي رجعت پرست ۽ موقعي پرست ڌرين تي ڀرپور وار ڪيا.

ادب ۾ بنيادي طور تي سندس سڃاڻپ هڪ نقاد واري هئي، پر لطيف شناسي ۽ ڪهاڻين ۾ بہ هن جو تمام وڏو ڪم ٿيل آهي. رسول بخش پليجي گهڻيون ڪهاڻي 70 کان 90 واري ڏهاڪي جي وچ ۾ لکيون. تنهن کان بعد هن ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ڪهاڻي لکي هوندي. پليجي جون ڪهاڻيون هڪ مخصوص سياسي فڪر ۽ نظرئي جي هيٺ رهيون، جنهن ڪري انهن ڪهاڻين تي سياسي ڇاپ نمايان نظر اچي ٿي ۽ اها ڳالهہ بخوبي محسوس ڪري سگهجي ٿي تہ هن ڪهاڻيون ڪنهن خاص مقصد کي سامهون رکي لکيون. ائين بہ ناهي تہ ڪو رڳو هن پنهنجي نظرئي جي پرچار لاءِ ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ رندا روڙيا، پر هو ڪهاڻيءَ جي فن کان چڱيءَ ريت واقف هو. هن جي ڪهاڻيءَ تي فني دسترس بابت راءِ ڏيندي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو تہ:

”مصنف ڳالهہ ٻولهہ جي هنر جو وڏو ماهر ٿو ڏسجي، هر ڪا ڪهاڻي هو گفتگو جي فن سان اپاري ٿو“. (1)

عام طور تي هو گفتگوءَ جي فن جو ماهر ڄاتو ويندو هو اهڙي طرح سندس ڪهاڻين ۾ بہ اها مهارت نظر اچي ٿي، هو پنهنجي ڪهاڻيءَ کي سادي ۽ آسان اُسلوب ۾ بيان ڪرڻ جي فن کان واقف ٿو ڏسجي.

پليجي جي ڪهاڻين تي يوسف سنڌي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

”ڪهاڻين ۾ پليجو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪش مزدور، هاريءَ جي سماجي حالتن ۽ انهيءَ جوهر جو متلاشي رهيو آهي“. (2)

رسول بخش پليجو هڪ اديب هئڻ سان گڏ سياسي اڳواڻ بہ هو، هن ادب کي پڻ سياسي مقصد تحت نظرياتي پرچار لاءِ استعمال ڪيو. سنڌ ۾ موجود مسئلن خاص طور تي ٻهراڙين ۾ هارين جي اهنجن کي افسانوي انداز ۾ نہ صرف بيان ڪيائين پر انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻڌي ڪري سياسي واٽ وٺڻ جي صلاح ڏيندي ڏسجي ٿو.

هتي سندس ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

رسول بخش پليجي جون ڪهاڻيون ٻن حصن ۾ ورهايل آهن. هڪ ”ڪورٽ ڪهاڻيون“ جنهن ۾ ڪورٽ ۾ پيش ايندڙ روزانيءَ جي لقائن کي سمايو ويو آهي.

ان عنوان سان هو روزاني سنڌي اخبار ۾ ڪهاڻيون لکندو هو. تنهن لاءِ هو اها دعوي ٿو ڪري تہ سنڌي ۾ ڪورٽ ڪهاڻيون جي نالي سان صنف جو بنياد هن وڌو.

"ڪنهن زماني ۾ آئون "عبرت" لاءِ ڪورٽن جون ڪهاڻيون لکندو هئس. ڪورٽن جي سچن قصن کي سچين حقيقتن سان افسانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ادبي صنف مون انهن ڏينهن ۾ ايجاد ڪئي." (3)

هنن ڪهاڻين ۾ هو ڪورٽن ۾ پيش ٿيندڙ ڪيسن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي لکندو هو. انهن ڪهاڻين ۾ بہ اڪثر هو عام غريب ماڻهوءَ سان ٿيندڙ زيادتين کي ئي موضوع بڻائيندو هو.

هن جون ٻيون ڪهاڻيون "پسي ڳاڙها گل" جي نالي سان شايع ٿيل مجموعي ۾ آهن, جن جا موضوع مختلف آهن.

هتي رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جي هينين زاوين تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويندي:

(1) پلاٽ

(2) ڪردار

(3) ڊائلاگ

(4) ٻولي

(5) منظر نگاري

## (1) پلاٽ:

ڪنهن عمارت جي سونهن, ٻيهڪ, مضبوطي ۽ جٽادار هئڻ جو دارومدار ان جي مضبوط رڻا تي هوندو آهي, جيتري رڻا مضبوط ايترو ئي عمارت بہ سهڻي هوندي. تخليق لاءِ پلاٽ اهميت رکي ٿو ادبي تخليق ۾ پلاٽ جي وضاحت ڪندي امير علي چانديو لکي ٿو تہ:

"ليڪ طرفان واقعن جي ڪيل چونڊ ۽ ڏنل ترتيب جو نالو پلاٽ يا سناءُ آهي". (4)

رسول بخش پليجي جي افسانن جي اها خوبي آهي تہ انهن ۾ زندگيءَ جي ترتيب آهي . ان جا پلاٽ روزمره جي انساني ڪاروهنوار سان سلهاڙيل آهن. معروضي حالتن پٽاندڙ پنهنجي ئي ڌرتي ۽ ديس جي عڪاسي ڪندڙ آهن, سندس ڪهاڻي "اڄ آچِڙيا آئيا" ۾ هڪ مهاڻي جي ڳالهہ آهي جيڪو مختلف ڪيسن جي سلسلي ۾

ڪورٽ ۾ حاضري تي پهچي ٿو. اتي ان جي دوستي هڪ وڪيل سان ٿئي ٿي جيڪو سندس ڪيس وڙهي ڪيس آزاد ڪرائي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ موڙ تڏهن ٿو اچي، جڏهن ِاهو ساجن مهاڻو پنهنجي حمايتي وڏيري کي ناجائز ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي ٿو جنهن جي دانهن وڏيرو ان وڪيل کي ڏئي ٿو وڪيل جڏهن ساجن مهاڻي کان ان جو سبب پڇيو ته جواب ۾ ٻڌائيس ٿو ته:

”الله جو سُنهن چرچو ڪونه ٿو ڪريان ! پهريائين تون ٻڌاءِ ته ڪامريٽي ٻڌا اٿئي يا نه!“ مون چيس ڪامريٽي ڪهڙا ؟ چيائين ، هي ڪونه جيڪي ، سنڌ، سنڌ، غريب غريب ۽ هاري هاري ڪندا وڏيرن، ڪوڙن ڪليمن ۽ چوڌرين پنيان لٺ ڪٽي پيا گهمن ۽ جيلن ۾ پيا پون ! سمجهيم ته شايد انقلابي وطن دوست ۽ هاري ڪارڪنن جي ڳالهه ٿو ڪري ، پر پڇيومانس ته خير ڪي هوندا ڪٽي پر تون پنهنجي ڳالهه ڪر، چيائين ” توکي خبر ڪانهي اچي ڏاڙهي اٿو خراب هن عمر ۾ آءُ به ڪامريٽي تي ويو آهيان.“ ص 490 (5)

ساجن پنهنجي لاءِ ٻڌائي ٿو ته هو هاري ڪميٽي ۾ شامل ٿيو آهي، جنهن سبب هن سمجهي ورتو آهي ته ڪنهن به ٻئي هيٺي پاءُ تي ڪو ظلم ناهي ڪرڻو هارين کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻي آهي. هي وڏيرا اسان غريب ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پوءِ حڪومت ڪن ٿا. ان ڪري ئي مان وڏيري کي جواب ڏنو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هو عام لوڪ کي هڪٻئي سان وڙهڻ بجاءِ ٻڌي ڪري گڏ ٿيڻ جي تبليغ ڪري ٿو. يا ڪهاڻي ”وڃيو هئين ته ويهه“ چار مارچ جي شاگرد جدوجهد واري واقعي تي لکيل آهي، جنهن ۾ شاگردن جي جيل ۾ حالت زار کي بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته هو ڪهڙي نموني زخمي آهن، مٿن ڇا وهيو واپريو آهي. هن ڪهاڻي کي ليکڪ اهڙي سوز سان بيان ڪيو آهي جو پڙهندي لڱ ڪنڊارجي ٿا وڃن.

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جا اڪثر پلاٽ سياسي آهن جن ۾ مزاحمت، بغاوت ۽ جدوجهد جو عنصر نمايان آهن، هو جيئن ته فڪري طور تي قومي ۽ طبقاتي نقطه نظر وارو ماڻهو آهي، ان ڪري سندس ڪهاڻين مان به اها جهلڪ پسجي ٿي. هن شعوري ڪوشش ڪري ڪهاڻين ۾ انهن ئي موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي جن ۾ طبقاتي ۽ قومي مسئلا آهن، تنهنڪري سندس ڪهاڻين تي اهو رنگ نمايان نظر اچي ٿو.

## (2) ڪردار نگاري:

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جي وڏي اهميت هوندي آهي، ڪردار ئي آهي جيڪو ڪهاڻيءَ ۾ ريڙهه جي هڏي جهڙي حثيت رکي ٿو. ماضي ۾ قصن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار ديو

مالائي هوندا هئا جيڪي طلسماتي طاقت سان پيش ايندڙ مشڪلاتن سان مهاڏو اٽڪائيندا هئا. پر جديد دور ۾ ڪهاڻين جا ڪردار حقيقي ۽ سچا ٿين ٿا جن وٽ ڪا به طلسماتي طاقت ناهي، اهي هيڻا به آهن ته ڏاڍا به ، مرڪن به ٿا ته روئن به ٿا. اهي جيئن به ٿا ته مرن به ٿا. اهي فقط پنهنجي ٻل تي ئي حالتن سان مقابلو ڪن ٿا. اهو ليکڪ جي صوابديده اختيار تي ڇڏيل آهي ته هو پنهنجي ڪردارن کان ڪهڙو ڪم وٺي ٿو يا سندن نوعيت ڪي ڪٿي بيهاري ٿو. ڪردار نگاريءَ تي راءِ ڏيندي مختيار ملاح لکي ٿو ته:

”هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار اهو آهي جيڪو ڪردار ته پلي پنهنجا ناهي پر انهن کي دنيا جي فطرت ۽ عادتن زمان و مڪان ڏئي جيئرو جاڳندو ناهي ڇڏي.“ (6)

عام طور تي سنڌي ادب ۾ لکي ويندڙ ڪهاڻين جا ڪردار مظلوم بي سهارا، معاشي، سماجي نفسياتي مسئلن ۾ وڪوڙيل عشق جون چوٽون کاڌل رحم جوڳي حالت ۾ هوندا آهن. پر رسول بخش پليجي جي ڪهاڻين جا ڪردار ان جي بلڪل برعڪس آهن. اهي اڏول، هنيلا، حالتن سان مقابلو ڪرڻ وارا، ظالم يا ظلم سان سينو ساهڻ وارا، قومي روايتون پاڙڻ وارا ڪردار آهن. اهي اهڙا ڪردار آهن جيڪي پيار ڪرڻ، وڙهڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ ڄاڻين ٿا.

پليجي جي ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاريءَ جي بابت راءِ ڏيندي م. ح عارباڻي لکي ٿو ته:

”هن جو هر ڪردار سچو حقيقي جيئرو جاڳندو ۽ عوامي قسم جو ڪردار آهي“. (7)

پليجو صاحب پنهنجي ڪردارن کي رحم جوڳو نه ٿو بڻائي. نه ئي هنن کي بيوس ڏيکاري ڪا همدردي جتائڻ چاهي ٿو. سندس ڪهاڻي ”بختاور“ ۾ به بختاور هڪ اهڙي اڏول عورت جو ڪردار آهي جيڪا پنهنجي دشمنن سان مردن جيان بندوق کڻي مقابلو ڪندي دشمنن تي وار ڪري ٿي. رسول بخش پليجو پنهنجي ڪردارن وسيلي همتون ۽ جرئتون سيکاري ٿو. ڪهاڻي ”پسي ڳاڙها گل“ جي ملوڪان جتي سونهن سرت ۾ سرس ۽ سياءَ ۾ ملوڪ آهي، اتي حالتن سان مقابلو ڪرڻ ۾، سختين ۽ ڏکن کي برداشت ڪرڻ ۾ به پڻ پڙ آهي. هن جي عورت ڪردارن جي اهڙي خوبي جي ڳالهه م ح عارباڻي هيئن ڪري ٿو.

” عورت ڪردارن جي باري ۾ به پليجي جو رويو اهڙو ئي آهي، ملوڪان کان وٺي بختاور تائين هر عورت رڳو بهادر ۽ همت ڀري نه آهي پر حوصلي واري به آهي ته حسين ۽ جميل به“. (8)

ڪهاڻين ۾ عورتن جي ڪردار ڪي ڪنهن به ريت مردن کان گهٽ نه ڏيکاريو اٿائين، بلڪ مشڪلاتن سان سينو ساهي بيهڻ واري ۽ ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائڻ واري ڏيکاري اٿائين. اسان جي سنڌي سماج ۾ ماڻهو ننگن ۽ دنگن تان طاقتور کان طاقتور ماڻهو سان به مد مقابل ٿي بيهندا آهن ۽ انهن لاءِ سر ڏئي ڇڏيندا آهن.

ڪهاڻي "ڏوڻي سان ڏورين" جو ڪردار ڪنڊو به هڪ اهڙو باغيرت بهادر نوجوان جو ڪردار آهي جيڪو پنهنجي اباڻي زمين جي خاطر رئيس سان جهيڙو ڪري ٿو پر زمين تان هٿ نه ٿو کڻي. پليجي صاحب جي ڪهاڻين جي ڪردارن مان اتساهه ۽ حوصلو ملي ٿو ۽ حالتن ۽ ظلم سان سمجهوتو ڪرڻ بجاءِ انهن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي جرئت پيدا ٿئي ٿي.

هو ڪردارن جي چونڊ وقت انهن جا نالا به ٺيٺ ٻهراڙي وارا ۽ پلاٽ جي گهرج مطابق رکي ٿو. جيئن "جمعو يارو، ڪنڊو، ڪريما، خميسو رجو شريفان، ساجن وغيره".

ڪن ڪهاڻين ۾ هن ڪردارن جون اصلوڪيون ذاتيون به لکيون آهن. جيئن ڪهاڻي "پسي ڳاڙها گل" ۾ ملوڪان جو پيءُ سمون ۽ سندس مامي هارون وارا سومرا ڏيکاريا اٿائين، ڪهاڻي "وڍيو هئين ته ويهه" جا ڪردار به اصلي نالن وارا آهن. جيئن "علي احمد قريشيءَ، ڪامل راڄپر، مجيب پيرزادو، يوسف لغاري وغيره. ان سميت هن ٻين به ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جا نالا ذاتين سميت اصل ئي لکيا آهن. جتان سندس ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ وارو پاسو به نمايان ٿي بيهي ٿو.

## (3) ٻولي:

ٻولي، تخليق جو مغز ٿيندي آهي. جنهن ذريعي ليکڪ پڙهندڙ لاءِ ڪشش پيدا ڪندو آهي. عام طور تي پليجي کي تقرير جو ماهر مڃيو ويندو هو.

هو پنهنجي ڳالهه ٻولهه دوران ٺيٺ سنڌي ٻولي ۽ محاورا ڪتب آڻيندو هو. لفظ صاف ۽ چٽا اچاريندو هو جيڪي ٻڌندڙ کي سحر ۾ آڻي ڇڏيندا هئا. سندس لکت ۾ به اهو ساڳيو تاثير ملي ٿو.

جيئن ڪهاڻي "پسي ڳاڙها گل" ۾ لکي ٿو ته:

"گابو سندس سٿڻ کي چڪ وجهندو هو ته اڳي وانگر ڪاوڙجي ڏڪ هڻڻ بدران سندس منهن هٿن ۾ ڏاڍو جهلي ڏند ڀڪوڙي چپ هڪ خاص پياري نموني ٺيڙي پيار کان

بي قابو جهلي چوندي هئي“ چريا مست مار ڪائيندي ”يا وري ڪيس ماٽس، پٽس، پاٽس ڳئون، گهر واري مٿي هر شيءِ تي پيار اچڻ لڳو“. (9)

هتي لفظن ذريعي احساس کي ڪيڏي نہ رواني سان بيان ڪري ويو آهي. هتان سندس مشاهداتي حس بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ ٻهراڙي جون مالوند عورتون ڪيئن پنهنجي ڍڳن ڍورن سان پيار ڪندي پيش اچن ٿيون.

يا وري ڪهاڻيءَ ”جتي باھ ٻري“ ۾ ٻوليءَ جو استعمال ڏسو:

”آهي ٿوٽي دڪائي ٻنپ وٽ سونا ۾ موسي جي پڙڇ جي ڪنڌ تي ويهي رهي، ميڙ گهر، ڪان ڳچ پنڌ تي ويني هئي“. (10)

ان ڪانسواءِ هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي لفظ جيڪي هاڻي گهٽ اچارجن ٿا، جگهہ جگهہ تي ملندا، جيئن ”ڪتي جي بات“، ”جنهن مهل تار آئي“، ”زائفان“ وغيره.

## (4) ڊائلاگ:

پليجو پنهنجي ڪهاڻين ۾ مڪالمن جو ڀرپور استعمال ڪري ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ مڪالما ايترا آهن جي کين ڊرامي جو روپ ڏجي تہ بنهہ آساني سان ڏئي سگهجي ٿو. بيشڪ اهي ڊراما پر اثر ۽ ڀرپور هوندا. مثال طور: ڪهاڻي ”بختاور“ جا ڊائلاگ آهن تہ:

”ڇا ۾ آيو آهين ؟“

”گيرت ۾“.

”ڪنهن کي ماريندي“؟

زال کي، ٻئي ڪنهن کي بہ؟

”نہ“

”سزا گهٽي اٿئي؟“

”بس سائين چٽڻ وارا آهيون! آءِ. جي اچڻ وارو آهي. ان بہ مهينا معافي ڏني ۽ ٻي ڪا ٻوڏ سوڏ جي بہ چار مهينا معافي ملي تہ پاڻ ٻاهر آهيون.“ (11)

مٿين مثالن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ هن ڪهاڻي کي ڊرامي جو روپ ڏيڻ ڪيڏو نہ آسان هوندو.

يا وري ساڳئي ئي ڪهاڻي جو جا ڪجهہ ٻيا ڊائلاگ پڙهو:

”هن مئي الله ماري ياقب جي مون سان عمر ڪا نہ پئي، ڪوڙ نڪريس، سڄي چمار جوٽس جي چور تي مون کي لتيون هنيون. جوٽس دادلي سڄو ڏينهن جهنگ پيئي ڦريندي، تنهن کي الفان بي ڪونہ چوندو. اها پل پيئي مونجون اڇيو بچيون ميون جيئريون ڪيڍي . باقي مون ٿورو چپ چوريو تہ ٽا لٺ مغز ۾ ” ههڙي تهڙي وات تي هٽين“ ڪتا بہ رت ڪونہ چٽيندا هئا.“ (12)

هتي هڪ عورت جي واتان ان جي درد ڪتا اهڙي نوع ۾ بيان ڪري ٿو جڻ اها عورت سامهون ويٺي ڳالهائي. ٻولي بہ اهڙي جيڪا عورت گلا غيبت ڪرڻ مهل ڪتب آڻيندي يون آهن.

هن ڪردارن جي سطح موجب ٻولي جو استعمال ڪيو آهي.

”حرمت چيس موتڙو (موچڙو) وجي ماڻهين ڦڏيءَ جي ٻوٽ تي هڻ، جيڪا پاڻي تي پرائيي مکي ڪو هٽندين!“ (13)

اڪثر ڪهاڻين جا ڊائلاگ ڊگها آهن، پر ڪجھ ڪهاڻين ۾ ننڍا جملا بہ استعمال ڪيا اٿائين، جيئن ڪهاڻي ”دور ٻيو“ ۾.

”ڪيئن آهين“، ” دعا آهي“، ” چا ٿو ٿئي “، ” بخار پاسي ۾ سور“

يا وري

”مطالبا منظور نہ ٿيا تہ پوءِ

پوءِ ڇا؟

پوءِ ڇا؟

پوءِ بک هڙتال ختم ڪندو يا.....؟“ (14)

ائين ئي هو ڪهاڻي کي ڪلائيميڪس وٽي هلي ٿو. مڪالمن جي گهٽي استعمال جي ڪري ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي آخر تائين برقرار رهي ٿي .

## (5)اُسلوب:

اسلوب تي راءِ ڏيندي مختيار ملاح لکي ٿو تہ:

” هڪ ڪهاڻيڪار جو اسلوب، سينني ليکڪن کان منفرد هئڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ ڪهاڻيڪار نثر ۾ شاعري ٿو ڪري.“ (15)

پليجي جو اسلوب بہ اهڙو ئي نرالو آهي، سندس لکڻيءَ تي پلي سندس نالو لکيل نہ هجي، تڏهن بہ گهڻو ڪري پڙهندڙ سمجهي ويندو تہ هيءَ لکڻي پليجي جي آهي. هن جي لکڻي تز صاف ۽ سڌي اسلوب واري هوندي آهي.

## (6) منظر نگاري:

منظر نگاري بہ ڪهاڻي جي خوبصورتي جو هڪ اهم پاسو آهي، پليجي جي ڪهاڻين ۾ اهو پهلو گهڻ نظر اچي ٿو پر جتي بہ هن منظر ڪشي ڪئي اٿائين، سا لاجواب آهي، جيئن ڪهاڻي ”وڍيو هئين تہ ويهہ“ ۾ منظر نگاري ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

”جڏهن اسان جون نظرون سندن ڦاٽل مٽن سڄي پنڊ ٿيل ٽنگن، چڇريل منهن ۽ ليڙون ليڙون بدن ۽ مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪپڙن ۽ اگهاڙن پيرن تي پيون ” تہ پڙهندي عجيب ڪيفيت ٿي وڃي ٿي.“ (16)

هتي هن ان ڪرپ جي عڪاسي ڪئي اٿائين جيڪا جيل ۾ هن پنهنجي اکين سان پسي.

## تنقيدي راءِ:

پليجي اڪثر ڪهاڻيون اهڙي زماني ۾ لکيون جڏهن مارشلائي دور هو ۽ مزاحمتي تحريڪون عروج تي هيون. ان ڪري هن ان دور جي حالتن کي بيان ڪيو آهي، جيڪي اڄوڪي حالتن سان نہ ٿيون ٺهڪن.

سندس اڪثر موضوع سياسي آهن، ان ڪري ڪو اهڙو پڙهندڙ جيڪو سياست سان دلچسپي نہ ٿو رکي، اهو گهڻ متوجهہ ٿيندو . هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ منظر نگاري کي تمام گهڻ ڇهيو آهي، جنهن سبب ڪهاڻين ۾ جمالياتي حسن گهڻ نظر اچي ٿي.

## حوالا:


1. ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر ”پسي ڳاڙها گل“ (مهاڳ) ڇاپو پهريون، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1985 ، ص 5.
2. سنڌي، يوسف، سنڌي ادب، دڙو: سچائي اشاعت گهر، 2016 ، ص 70.
3. چانڊيو جامي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب، ڀاڱو 2، جلد 1،حيدرآباد: سي پي سي ايس، ص 424.
4. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2015 ، ص 45.

5. چانڊيو جامي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب، ڀاڱو 2 ، جلد 1. حيدرآباد: سي پي سي ايس، ص 490.
6. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو 2015 ، ص 46.
7. پليجو رسول بخش، "پسي ڳاڙها گل" ڇاپو پهريون حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، 2014 ، ص 12.
8. ساڳيو ص 13.
9. ساڳيو ص 60.
10. ساڳيو ص 63.
11. چانڊيو جامي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب، ڀاڱو 2 ، جلد 1. حيدرآباد: سي پي سي ايس. ص 506.
12. ساڳيو ص 507.
13. پليجو رسول بخش ، "پسي ڳاڙها گل"، ڇاپو پهريون حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، 2014 ، ص 83.
14. چانڊيو جامي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب، ڀاڱو 2 ، جلد 1. حيدرآباد: سي پي سي ايس. ص654 .
15. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو 2015 ، ص 47.
16. چانڊيو جامي، تخليقي ۽ تنقيدي ادب، ڀاڱو 2 ، جلد 1. حيدرآباد: سي پي سي ايس. ص 501.